قرآني بيان

# نقصان جو سودو



مدني مراكز (فيضان مدينه) ۾ شعبه امام مساجد
(دعوت اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ

**11-JULY-2025**

## جمعة المبارک جو

FOR ISLAMIC BROTHERS

مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ 11 جولاءِ 2025ء (15 مُحرمُ الحرام 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# نقصان جو سودو

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... هدايت جي بدلي گمراهي نہ خريد ڪيو!

✿... ڪفر ڪان نفرت ڪرڻ ضروري آهي

✿... هڪ جملي ڪان 2 حج ضايع ڪري ڇڏيائين!

✿... آخرت کي چاهڻ وارا ٻڌجو

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۙ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# دروِد پاڪ جي فضيلت

صحابيءِ رسول حضرت ابو طلحه انصاري رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري جو واقعو آهي ته صبح جي وقت الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پُرنور چهري تي خوشي جا آثار هئا، صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوان ان جو سبب پڇيو ته پاڻ فرمايائون: الله پاڪ پيغام موڪليو آهي: اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جو جيڪو به اُمّتي اوهان تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو، آئون ان لاءِ 10 نيڪيون لکندس، ان جا 10 گناهه مٽائي ڇڏيندس، 10 درجا بلند فرمائيندس ۽ ايتري ئي رحمت موڪليندس.[1]

اُن پر دُرود جن کو کَسِ بے کَساں کہیں | اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے[2]

**وضاحت:** اهي پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪي هر بي خبر جي خبر رکڻ وارا آهن، انهن تي درود ۽ سلام هجي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...مُسۡنَد اَحۡمد، جلد:5، صفحہ:509، حديث:16352۔
2...حدائقِ بخشش، صفحہ:209۔

أُولَٰٓئِكَ الَّذِينَ اشْتَرَوُا الضَّلٰلَةَ بِالْهُدٰى ۪ فَمَا رَبِحَتْ تِّجَارَتُهُمْ وَمَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿١٦﴾

صَدَقَ اللهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپارو: 1، سورة بقره، آيت: 16 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هن آيتِ ڪريمه ۾ منافقن جي هڪ حماقت ۽ بيوقوفي جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ارشاد فرمايو:

| | |
|---|---|
| أُولَٰٓئِكَ الَّذِينَ | ترجمو ڪنزُ العرفان: هي ئي اهي ماڻهو آهن. |

يعني منافق جن دل ۾ ڪفر لڪايو ۽ زبان سان ڪلمو پڙهيو

| | |
|---|---|
| اِشْتَرَوُا الضَّلٰلَةَ بِالْهُدٰى ۪ | ترجمو ڪنزُ العرفان: جن هدايت جي بدلي گمراهي خريد ڪئي |

الله پاڪ جا آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف وٺي آيا، اعلانِ نبوت فرمايو، معجزا ڏيکاريا، قرآن جون آيتون ٻڌايون، حق بلڪل واضح ٿي ويو، هاڻي منافقن وٽ ٻئي رستا هئا، هدايت حاصل ڪري جنت جا حقدار به ٻڻجي سگهيا پئي ۽ باطل جي پيروي ڪري جهنم جا حقدار به ٻڻجي سگهيا پئي.۞ هي بدبخت ڪلمو به پڙهندا هئا ۞ انهن اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَ بِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ (اسان الله ۽ آخرت تي ايمان آندو) به چيو ۞ انهن نمازون به پڙهيون ۞ مسجدِ نبوي شريف ۾ حاضر به ٿيا ۞چهره مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت به ڪندا رهيا ۞ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم زندگي جو درس ڏيندا هئا، هي اهو درس به ٻڌندا رهيا، هي سڀ اهي ئي ڪم هئا جيڪي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوان ڪيا ته هدايت جا تارا ٻڻجي ويا، منافقن به اهي ئي ڪم ڪيا، چاهين ها ته هي به جنت جا حقدار ٻڻجي سگهن پيا پر

## اِشۡتَرَوُا الضَّلٰلَةَ بِالۡهُدٰی ۠

انهن هدايت کي ڇڏيو، گمراهي کي اختيار ڪيو، اسلام کي ڇڏيو، ڪفر جو رستو اختيار ڪيو، جنت کي ڇڏي ، جهنم جو رستو اختيار ڪيو، زبان سان ڪلمو ته پڙهيو پر دل ۾ ڪفر لڪائي رکيو.

فَمَا رَبِحَتۡ تِّجَارَتُهُمۡ | ترجمو ڪنزُ العرفان: ته انهن جي واپار ڪو نفعو نه ڏنو.

يعني انهن بدبختن هدايت کي ڇڏي جيڪا گمراهي اختيار ڪئي، انهن جي ان سودي بازي، ان واپار انهن کي ڪو به فائدو نه پهچايو

وَ مَا کَانُوۡا مُهۡتَدِيۡنَ ﴿۱۶﴾ | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ هي ماڻهو راهه ڄاڻن ئي نٿا.

يعني حقيقت اها آهي ته هي منافق اَحمق ۽ بيوقوف آهن، هي واپار ڪرڻ ڄاڻن ئي نٿا. ۞دنيا ۾ واپار ڪيئن ڪرڻو آهي؟ ۞ هڪ جا 10، 10 جا 100 ۽ 100 جا هزار ڪيئن ناهڻا آهن؟ ۞ دڪان ڪيئن هلائڻو آهي؟ ۞ڪاروبار ڪيئن چمڪائڻو آهي، هي جيتوڻيڪ ڄاڻن ٿا پر آخرت جو واپار ڪيئن ڪرڻو آهي؟ ان جو انهن کي طريقو ئي نٿو اچي، انهن گهٽتائيءَ جو سودو ڪري ورتو، جنت ۾ وڃي سگهيا پئي، انهن جهنم کي اختيار ڪري ورتو.

هڪ ماهر تاجر جي سڀ کان پهرين ۽ بنيادي ڪوشش اها ئي هوندي آهي ته مون جيترو سرمايو خرچ ڪيو آهي ان سان گڏوگڏ منافعو به حاصل ٿي وڃي! پر هي منافق اهڙا بدبخت آهن، انهن آخرت جو واپار ڪيو پر منافعو ته ڇا وٺڻو هو، پنهنجو اصلي مال به وڃائي ويٺا، ڪلمو به پڙهيو، پوءِ به جنت جا حقدار نه ٿيا، نمازون به پڙهيون، جهاد به ڪيو، روزا به رکيا، پوءِ به جنت جا حقدار نه ٿيا، ڇو؟ ان لاءِ ته

اِشۡتَرَوُا الضَّلٰلَةَ بِالۡهُدٰى ۪

انهن پنهنجي دل جي دنيا لاءِ هدايت جي جاءِ تي گمراهي کي اختيار ڪيو

## نقصان وارو سودو نہ ڪريو

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: هي منافقن جو هڪ عيب آهي، انهن جي بيوقوفي آهي تہ هي دنيا جو واپار جيتوڻيڪ ڄاڻن ٿا پر آخرت جو واپار ڪرڻ نٿا ڄاڻن، نقصان وارو سودو ڪري ويهندا آهن. اسان اللّٰه پاڪ جي فضل سان مسلمان آهيون، منافق ناهيون، ان لاءِ اسان کي گهرجي تہ منافقن واري ان حماقت کان بچون ۞اسان کي دڪان هلائڻ اچي ٿو ۞ڪاروبار ڪرڻ اچي ٿو ۞پئسا ڪمائي وٺون ٿا ۞ گهر هلائي وٺون ٿا ۞ هڪ جا 10، 10 جا 100 ۽ 100 جا هزار اسان ناهي وٺون ٿا، هي پنهنجي جاءِ تي هڪ درست ڳالهہ سهي، البتہ اسان کي آخرت جو واپار بہ ڪرڻ اچڻ گهرجي، جيئن اسان دڪان هلائڻ، ڪاروبار ڪرڻ ۾ ماهر آهيون، دنيا ڪمائڻ جو هڪ کان هڪ طريقو ڄاڻون ٿا، اهڙي طرح جنت ڪمائڻ جا طريقا بہ اسان کي اچڻ گهرجن

جيڪڏهن آخرت جو واپار اسان کي نہ آيو تہ  ڪٿي اسان نقصان جو سودو نہ ڪري ويهون، ڪڏهن ڪڏهن دنيا جي واپار ۾ نقصان ٿي بہ وڃي تہ ڪيتري دير جو هوندو، 6 مهينن ۾، سال 2 سالن ۾ نقصان پورو ٿي ئي ويندو آهي، جيڪڏهن بالفرض ڪاروبار ڪيو، ڪروڙن جو نقصان ٿي ويو، مال ٻڏي ويو، پوءِ ان نقصان جي پورائي بہ نہ ٿي سگهي تہ بہ فاني دنيا آهي، اڄ زنده آهيون سڀاڻي ٿي سگهي ٿو قبر ۾ هجون. جيڪڏهن اسان کي آخرت جو واپار ڪرڻ نہ آيو، آخرت جي معاملي ۾ جيڪڏهن اسان نقصان وارو سودو ڪري ورتو تہ فاني دنيا ۾ نہ پر ابدي (يعني هميشہ رهڻ واري) زندگي جو نقصان ٿي ويندو، ان لاءِ آخرت جي معاملي ۾ ڪڏهن بہ نقصان وارو سودو نہ ڪيو!

## (1): هدايت جي بدلي گمراهي اختيار نہ ڪريو!

الله ڪريم جو وڏو فضل آهي جو اسان مسلمانن جي گھر ۾ پيدا ٿياسين، اربن جي تعداد ۾ ماڻھو دنيا ۾ موجود آهن، الله ڪريم اسان لاءِ مسلمان گھراڻي جو انتخاب فرمايو، اسان عاشقانِ رسول جي گھر ۾ اک کولي ۽ دنيا ۾ اچي آذان جو آواز ٻڌو هو.

هي الله پاڪ اسان کي شرف بخشيو، اسان هدايت تي آهيون، هاڻي ان هدايت کي وڪڻي گمراهي کي ڪڏهن بہ اختيار ناهي ڪرڻو، نہ تہ هي آخرت جي واپار ۾ تمام گھڻو نقصانڪار سودو هوندو، اسان هدايت تي آهيون، ايمان سيني ۾ موجود آهي، ان ايمان کي ڪڏهن بہ وڪڻڻو ناهي.

۞ دنيا جو مال ۞ دنيا جي دولت ۞ دنيا جي شهرت ۞ دنيا جو نالو، عهدو، منصب، هي سڀ ڪجھ فاني آهي، جيڪڏهن خدانخواستہ پئسن جي لالچ ۾، منصب جي لالچ ۾، ڪنهن ملڪ جي ويزا حاصل ڪرڻ جي لالچ ۾ جيڪڏهن ڪٿي ايمان جو سودو ڪري ورتو تہ وڏو نقصان ٿيندو.

## عشقِ مجازي ڪفر تائين پهچائي ڇڏيو

پنهنجي وقت جي ڪامل ولي، حضرت حَسَن بصري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي دورِ مبارڪ جو هڪ واقعو تمام عبرتناڪ ۽ سبق آموز آهي، هڪ پيري پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه تشريف فرما هئا تہ پاڻ ڏٺائون، ڪجھ ماڻھو هڪ مُردي کي کڻيندا وڃي رهيا آهن، حضرت حَسَن بصري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه ان کي ڏٺو تہ بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيا، جڏهن هوش آيو تہ پاڻ کان بيهوشي جو سبب پڇيو ويو، پاڻ فرمايائون: هي مرڻ وارو ڪڏهن اعليٰ درجي جو عابد ۽ زاهد هو، هڪ ڏينهن هي پنهنجي گھر کان نماز جي نيت سان نڪتو تہ رستي ۾ ان جي نظر هڪ غير مسلم ڇوڪريءَ تي پئي، نظر ڀٽڪي، دل هارائي وينو ۽ هي شخص عشقِ مجازي جي چڪر ۾ ڦاسي پيو. دل ۾ گندا جذبا اُڀرندا رهيا، ان جو وقت برباد ٿيندو رهيو، آخرڪار هڪ ڏينهن هن ان

چوڪريءَ کي نڪاح جو پيغام ڏئي ئي ڇڏيو، ان تي اها ڇوڪريءَ چيو: تون مسلمان آهين، مان غير مسلم آهيان، جيستائين تون پنهنجو دين ڇڏي منهنجو مذهب اختيار نہ ڪندين! تيستائين مان توسان نڪاح نہ ڪنديس. افسوس! ان جي سر تي عشقِ مجازي جو ڀوت سوار هو، ان بدبخت تي شهوت غالب آئي، ان ڇوڪريءَ جي ڳالھ مڃي دينِ اسلام کي ڇڏي ڏنو ۽ ان ڇوڪريءَ وارو باطل دين اختيار ڪري ورتو. هاڻي جڏهن هي ڇوڪريءَ وٽ پهتو تہ ان چيو: اي شخص! تو ۾ ڪا بہ ڀلائي ناهي، جيڪو پنهنجي دين سان وفا نہ ڪري سگهيو، اهو ڀلا مون سان وفا ڪيئن ڪندو. اهو چئي ان شاديءَ کان انڪار ڪري ڇڏيو

| نہ خُدا ہی ملا نہ وِصَالِ صنم | نہ اِدھر کے رہے، نہ اُدھر کے رہے |
| --- | --- |

ايمان کان بہ هٿ ڌوئي وينو، جنهن جي عشق ۾ مبتلا هو، اها بہ نہ ملي. آخر ڪفر جي حالت ۾ ئي مري ويو.[1]

اللّٰہُ اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! ڪيترو نقصان وارو سودو ڪيائين؟ پنهنجو ايمان وڃائي گمراهي کي اختيار ڪري ورتائين، هڪ عورت جي عشق ۾ مبتلا ٿي ايمان جو سودو ڪري آخرت جي واپار ۾ ڪيتري وڏي نقصان ۾ مبتلا ٿي ويو!!...

## ڪفر کان نفرت ڪرڻ ضروري آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه!! اسان مسلمان آهيون، يقيناً هي الله پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهي، اسان جو ڪلمو پڙهڻ، مسلمان هجڻ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! جهنم کان بچي جنت ۾ وڃڻ جو ذريعو بڻجي ويندو پر ياد رکو! جهنم کان بچڻ ۽ جنت جو حقدار بڻجڻ لاءِ صرف مسلمان هجڻ ڪافي ناهي بلڪ ايمان سلامت کڻي دنيا مان وڃڻ بہ ضروري آهي. ان لاءِ اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي ايمان جو فڪر ڪيون، الله پاڪ اسان

1... بحر الدموع،الفصل السادس عشر ذہاب اللذة و بقاء العقاب،صفحہ:106-109 ملتقطًا۔

ڪي ايمان جي دولت سان نوازيو آهي، ان جي قدر بہ ڪريون، ان جو شڪر بہ ادا ڪيون ۽ ساڳئي وقت ڪفر ڪان نفرت بہ ڪندا رهون. حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن ۾ 3 ڳالهيون هجن، اهو ايمان جي حلاوت (يعني مٺاس) حاصل ڪري وٺندو آهي (انهن 3 مان هڪ ڳالهہ هي ارشاد فرمائي وئي:) اهو ايمان ڪان پوءِ ڪفر ڏانهن موٽي وڃڻ کي اهڙي طرح ناپسند ڪري، جيئن باهہ ۾ ڪرڻ کي ناپسند ڪندو آهي.[1]

معلوم ٿيو: ايمان وارو رهڻ، ايمان جي سلامتي سان قبر ۾ لهڻ ۽ ان ذريعي جنت جو حقدار بڻجڻ لاءِ ضروري آهي تہ اسان ڪفر ڪان هر دم نفرت ڪندا رهون.

## ايمان جي سلامتيءَ جو فڪر ڪريو!

افسوس! اڄڪلهہ ايمان جي سلامتي جو فڪر تمام گهٽ ماڻهن کي هوندو آهي ۞ عام طور تي ماڻهو پنهنجي نفس تي ڀروسو ڪندا آهن ۞ بدمذهبن ۽ بري ماڻهن جي صحبت ۾ ويهڻ ۞ گناهن ۾ مصروف رهڻ ۞ اسان ڇا سڪي رهيا آهيون، ڪنهن ڪان سکي رهيا آهيون، وغيره جو بلڪل فڪر نہ ڪرڻ ۞ علم دين ڪان پري ڀڄڻ ۞ غير مسلمن جي نقل ڪرڻ ۞ انهن جو لٽريچر بي ڌڙڪ پڙهڻ ۞ غير مستند ماڻهن ۽ غير مستند طريقن(مثال طور سوشل ميڊيا، انٽرنيٽ، يوٽيوب، فيس بڪ وغيره) ذريعي دين سکڻ جي ڪوشش ڪرڻ وغيره ايمان ڪان هٽ ڏوئي ويهڻ جا سبب آهن پر افسوس! اڄڪلهہ اڪثريت انهن ڪمن ۾ مبتلا نظر اچي ٿي

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ اسان کي ايمان جي دولت عطا فرمائي آهي تہ اسان کي ان جي قدر بہ ڪرڻي آهي، ان جي حفاظت ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي، ان لاءِ اسان کي گهرجي تہ الله پاڪ جي خفيہ تدبير ڪان هر دم ڊڄندا رهون ۽ هر هر لمحي ايمان جي سلامتي جو فڪر ڪندا رهون.

---

1...بخاری،کتاب بدء الایمان،باب حلاوۃ الایمان،صفحہ:74،حدیث:16 ملتقطاً۔

## خفيہ تدبير کان بي خوفي سخت نقصان کار آهي

قرآنِ ڪريم ۾ آهي

فَلَا يَاْمَنُ مَكْرَ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْخٰسِرُوْنَ۠ (۹۹) (سيپارو: 9، الاعراف: 99)

ترجموڪنزُ العرفان: تہ الله جي خُفيہ تدبير کان صرف تباھ ٿيڻ وارو ئي بي خوف ٿيندا آھن.

عالم سڳورا فرمائن ٿا: الله پاڪ جي خفيہ تدبير کان بلڪل بي خوف ٿي وڃڻ گناهِ ڪبيره آهي.[1]

## حضرت سفيان ثوري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو خوفِ خدا

حضرت سفيان ثوري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه بلند رتبي جا عالمِ دين، پائي جا محدث ۽ ولي ڪامل ٿي گذريا آهن، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي باري ۾ منقول آهي تہ سندن چيلھ جوانيءَ ۾ ئي جهڪي وئي هئي. ماڻهن ڪيترائي ڀيرا ان جو سبب ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر حضرت سفيان ثوري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪو بہ جواب نہ ڏنو. هڪ ڀيري سندن هڪ شاگرد بار بار ان جو سبب پڇيو تہ فرمايائون: منهنجو هڪ استاد هو، ان جو شمار وڏن عالمن ۾ ٿيندو هو، مون ان کان ڪيترائي علم سکيا هئا، جڏهن ان جي وفات جو وقت ويجهو آيو تہ مون کي چوڻ لڳو: اي سفيان! ڇا تون ڄاڻين ٿو مون سان ڇا معاملو پيش آيو؟ مان 50 سالن تائين مخلوقِ خدا کي الله پاڪ جي اطاعت ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي تلقين ڪندو رهيس پر افسوس! اڄ جڏهن منهنجي زندگي جو ڏيئو وسامڻ تي آهي تہ الله پاڪ مون کي پنهنجي بارگاهہ مان اهو فرمائي ڪڍي ڇڏيو تہ تون منهنجي بارگاهہ ۾ اچڻ جي اهليت نٿو رکين. پنهنجي استاد جي اها ڳالھ ٻڌي عبرت سبب منهنجي ڪمر ٽٽي پئي، جنهن جي ٽٽڻ جو آواز اتي موجود ماڻهن بہ ٻڌو. مان الله پاڪ جي خوف کان لڙڪ وهائيندو رهيس ۽ سخت بيمار ٿي پيس.[2]

---

1...جہنم میں لے جانے والے اعمال، جلد:1، صفحہ:291۔

2...خوفِ خُدا، صفحہ:80۔

فِکْرِ مَعَاش بَدبَلا، ہَوْلِ مَعَاد جاں گُزا | لاکھوں بَلا میں پھنسنے کو رُوح بدن میں آئی کیوں؟

**وضاحت:** يعني زندگيءَ جا سبب مثال طور ڪائڻ پيئڻ وغيره جو فڪر! قبر جي تنگي ۽ قيامت جي هولناڪين جو خوف! اهڙين لڪين بلائن ۾ ڦاسڻ لاءِ روح بدن ۾ آيو ئي ڇو هو...؟

الله پاڪ اسان کي ايمان جي حفاظت ڪرڻ، ايمان جي سلامتي لاءِ ڪوشش ڪندو رهڻ ۽ ڪفر ڏانهن موٽي وڃڻ کان هميشه ڊڄندو رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

ایماں پہ رَبِّ رحمت دے دے تُو استقامت | دیتا ہوں واسطہ میں تجھ کو ترے نبی کا[1]

## (2): رياڪاري کان بچندا رهو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اهڙي طرح رياڪاري به آخرت جي واپار ۾ تمام گهٽو نقصان وارو سودو آهي. ۞ اسان نماز پڙهي، ان نماز جي ذريعي اسان جنت جا حقدار بڻجي سگهون ٿا ۞ اسان روزو رکيو، ان روزي جي ذريعي اسان جنت جا حقدار بڻجي سگهون ٿا ۞ حج ادا ڪيو، ان حج جي ذريعي اسان جنت جا حقدار بڻجي سگهون ٿا ۞ تهجد پڙهي ۞ اشراق چاشت جا نوافل ادا ڪيا ۞ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪئي ۞ ذڪرالله ڪيو ۞ درود پاڪ پڙهيو ۞ صدقو ڏنو، خيرات ڪئي ۞ وڏا وڏا نيڪ عمل ڪيا، انهن نيڪ عملن جي صدقي اسان جنت جا حقدار بڻجي سگهون ٿا پر ڏيکاءُ ڪري ڇڏيو ۞ سر سجدي ۾ آهي، زبان سان چئي رهيا آهيون: سُبْحٰنَ رَبِّيَ الْاَعْلٰى پر دل ۾ هي نيت آهي ته ماڻهو مون کي ڏسي وڏو عبادت گذار چوندا ۞غريب کي راشن ڏئي رهيا آهيون، چندي باڪس ۾ چندو وجهي رهيا آهيون پر دل ۾ هي نيت آهي ته ماڻهو مون کي سخي چوندا ۞ تمام خوبصورت آواز ۾ تلاوت ڪري رهيا آهيون پر دل ۾ هي نيت

1...وسائلِ بخشش، صفحه:178.

آهي تہ ماڻهو مون کي قرآن جو قاري چوندا ۞ نيڪ عمل ڪيا پر رياڪاري ڪري ڇڏي، جنهن سبب جنت جا نہ پر جهنم جا حقدار بڻجي وياسين. هي تمام نقصان وارو سودو آهي.

## هڪ جملي سان 2 حج ضايع ڪري ڇڏيا

هڪ ڀيري حضرت سفيان ثوري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ڪنهن شخص جي گهر دعوت تي تشريف وٺي ويا، ميزبان خادم کي چيو: انهن ٿانون ۾ ڪاڏو آڻ جيڪي مان ٻئي ڀيري حج جي سفر مان آندا هئا. حضرت سفيان ثوري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: اي مسڪين! تو هڪ جملي ۾ پنهنجا 2 حج ضايع ڪري ڇڏيا.[1]

نفسِ بدکار نے دِل پر یہ قیامت توڑی | عَمَلِ نیک کیا بھی تو چھپانے نہ دیا[2]

## رياڪار اللّٰه پاڪ سان بدديانتي ڪرڻ وارو آهي

روايتن ۾ آهي: هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسولَ اللّٰه صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! قيامت جي ڏينهن ڪهڙي شيءِ نجات ڏياريندي؟ پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اللّٰه پاڪ سان بدديانتي نہ ڪرڻ. ان شخص وري عرض ڪيو: ڀانهو اللّٰه پاڪ سان بدديانتي ڪيئن ڪري سگهي ٿو؟ فرمايائون: اهڙي طرح جو تون اللّٰه پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري وارو ڪم غيراللّٰه کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪرين. پوءِ رياڪاري کان بچندو رهہ ڇو تہ رياڪاري شرڪِ اصغر) آهي ۽ قيامت جي ڏينهن رياڪار کي 4 نالن سان سڏيو ويندو: (1): اي ڪافر! (2): اي بدڪار! (3): اي دوکي باز! (4): اي نقصان ڪڻڻ وارا! تنهنجو عمل خراب ٿيو، تنهنجو اجر برباد ٿيو، اڄ تنهنجي لاءِ ڪو حصو ناهي، اي دوکو ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارا! پنهنجو ثواب ان وٽ تلاش ڪر جنهن لاءِ عمل ڪندو هئين.[3]

---

1... فضائلِ دُعا، صفحہ:281۔
2... سامانِ بخشش،صفحہ:72۔
3... مسند فردوس،جلد:4 ،صفحہ:203، حديث:6619ملتقطاً۔

پيارا اسلامي ڀائرو! سچي دل سان غور فرمايو! سوچيو، ڪم هڪ ئي آهي، نماز، روزو، حج، زڪوات، نيڪ عمل، انهن جي ذريعي اسان جنت ۾ به وڃي سگهون ٿا پر رياڪاري ڪري، ڏيکاءُ ڪري جيڪڏهن جهنم جا حقدار بڻجي وڃون، قيامت جي ڏينهن اسان کي بدڪار، دوکي باز، ڪافر ۽ نقصان کڻڻ وارو چئي سڏيو وڃي ته هي ڪيترو نقصان وارو سودو آهي؟

## رياڪار جو عبرتناڪ مثال

سيپارو: 3، سورة بقره، آيت: 266 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

اَيَوَدُّ اَحَدُكُمْ اَنْ تَكُوْنَ لَهٗ جَنَّةٌ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّ اَعْنَابٍ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُۙ لَهٗ فِيْهَا مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِۙ وَ اَصَابَهُ الْكِبَرُ وَ لَهٗ ذُرِّيَّةٌ ضُعَفَآءُ ۖۚ فَاَصَابَهَاۤ اِعْصَارٌ فِيْهِ نَارٌ فَاحْتَرَقَتْؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ۠ ﴿۲۶۶﴾ (پاره:3،البقرہ:266)

ترجمو ڪنزُ العرفان: ڇا توهان مان ڪو اِهو پسند ڪندو ته اُن وٽ ڪجين ۽ انگورن جو هڪ باغ هجي جنهن جي هيٺان نديون وهنديون هجن، ان جي لاءِ اُن هرقسم جا ميوا هجن ۽ ان کي پوڙهائپ اچي وڃي ۽ حال هي هجي ته ان جا ڪمزور هيٺا ٻار هجن پوءِ ان تي هڪ واچوڙو اچي جنهن ۾ باهه هجي پوءِ سمورو باغ سڙي وڃي. اللّٰه توهان سان اهڙي طرح پنهنجون آيتون کولي ڪري بيان ڪري ٿو ته جيئن توهان غور ۽ فڪر ڪيو.

هي هڪ مثال آهي[1] اسان مان هر هڪ هن مثال کي سامهون رکي، ٿورو اکيون بند ڪري پنهنجي باري ۾ تصور ڪري، مثال طور اسان تصور ڪريون ته اسان پوڙها ٿي چڪا آهيون، هٿي ٻانهن ۾ پهرين جهڙي طاقت ناهي رهي، هاٿي وڏيڪ محنت وارو ڪم نٿو ٿي سگهي، ان حالت ۾ ننڍا ننڍا ٻچا به آهن، اهي ڪمائي نٿا سگهن، محنت مزدوري نٿا ڪري سگهن، انهن ٻچن جي پرورش جو واحد سهارو اسان ئي آهيون، اسان جو هڪ دڪان آهي، ان مان ئي آمدني ٿئي ٿي، سيئي خرچ ان مان ئي هلن ٿا،

1... تفسير نعيمى، پاره:3، سورۀ بقره، زير آيت:266، جلد:3، صفحه:108 بتغير قليل ـ

ڪمائي جو ٻيو ڪو ذريعو ناهي، سيل مين (Sale Man) ايندو آهي ۽ مال ڏئي ويندو آهي، اسان آرام سان ويهي مال وڪڻي ڇڏيندا آهيون، زندگيءَ جو نظام هلي رهيو آهي، اوچتو هڪ رات ان دڪان ۾ باهہ لڳي ٿي، سڄو سامان سڙي خاڪ ٿي وڃي ٿو، افسوس! جيئڻ جو هڪ ئي سهارو هو، اهو بہ نہ رهيو. هاڻي ان حالت ۾ ڪهڙو صدمو پهچندو؟ ڪهڙي سخت تڪليف ٿيندي؟ ويهي ويهي ننڍن ننڍن ٻارن جو خيال ايندو، تڪليف ٿيندي، سيني ۾ غم جو سمنڊ اٿلي پوندو، لڙڪ نڪرندا، غم جو ڪهڙو پهاڙ ٽٽي پوندو؟ هاڻي ان ئي تصور کي ٿورو آخرت ڏانهن موڙي ڇڏيو! اسان دنيا ۾ ڪيترائي سال گذاريا، سڄي زندگي نمازون پڙهندا رهياسين، روزا رکندي رهياسين، صدقو و خيرات ڪندا رهياسين، اشراق ۽ چاشت ۽ اوابين جا بہ پابند رهياسين، تهجد بہ ڪڏهن نہ ڇڏي، نفل حج بہ ڪيا، عمرا بہ ڪيا، نيڪين تي نيڪيون ڪندا وياسين، پنهنجي طور تي اسان تمام نيڪ هئاسين، اعمالنامو نيڪين سان ڀريل سمجهي رهيا هئاسين، اوچتو موت جو فرشتو آيو، روح قبض ڪيو ويو، ڪهرام مچي ويو، ڪيترو نيڪ ماڻهو هو، دنيا مان هليو ويو، هر اک آلي آهي، آهون بلند ٿي رهيون آهن، آخر اسان کي ڪفن پهرايو ويو، نمازِ جنازه ادا ڪئي وئي، افسوس! پوءِ اسان کي اونداهي قبر ۾ لاهي، اڪيلو ڇڏي ماڻهو غمگين دل سان، تعريفون ڪندي، اسان جي نيڪين تي واه واه ڪندي گهرن ڏانهن هليا ويا، هاڻي اسان آهيون ۽ اسان جا اعمال. هاڻي ان تنهائيءَ ۾، وحشت جي عالم ۾، قبر جي اونداهيءَ ۾ پتو پوي ٿو تہ اسان جون اهي سڀئي نيڪيون تہ رياڪاريءَ جي ڪري برباد ٿي ويون...! افسوس! اهي ڏکيون ڏکيون نمازون، تهجد، اوابين، اشراق، چاشت، اهي گرمين جا روزا، سڄي جي بک اُڃ، لکين روپيہ خرچ ڪري جيڪي حج ڪيا هئا، عمرا ڪيا هئا، پنهنجي رت پگهر جي ڪمائي جيڪا غريبن ۾ ورهائي ڇڏي هئي، مسجد جي تعمير ۾ حصو وڌو هو، ديني مدرسي تي خرچ ڪيو هو، سڄي زندگي محنت ڪري، مشقت برداشت ڪري، هڪ هڪ ڪري نيڪيون گڏ ڪيون هيون، اميد هئي، ڀروسو هو تہ هي نيڪيون قبر ۾ ڪم اينديون، عذابِ قبر کان بچائينديون، سخت اونداهي رات کي روشن فرمائينديون پر

افسوس! صد ڪروڙ افسوس...! هاڻي قبر ۾ پڇتاسين ته معلوم ٿيو ته رياڪاريءَ جو شڪار ٿي سڄي محنت ته برباد ڪري ورتي، هاڻي اعمالنامي ۾ ته ڪا به نيڪي ناهي، رياڪاريون ئي رياڪاريون آهن، افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اللّٰه پاڪ بچائي...! پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ائين ٿي ويو ته قبر جي ان تنهائيءَ ۾، ان وحشت ۾ اسان تي ڇا گذرندي، ڪهڙو غم جو پهاڙ ٽٽندو، ڪهڙي حسرت ٿيندي!!... ان وقت ماڻهو زمين جي مٿان اسان جي تعريف ڪري به رهيا هوندا ته ڇا فائدو؟ اسان ته قبر جي تنهائيءَ ۾ غم ۽ شرمندگيءَ جو شڪار ٿي رهيا هونداسين، حسرت ٿي رهي هوندي پر افسوس!

اب کیا ہوت، جب چڑیاں چُگ گئیں کھیت
کچھ مرے بچنے کی صُورت کیجئے | اب تو جو ہونا تھا مولا ہو گیا[1]

## (3): دنيا کي آخرت تي ترجيح نه ڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا کي آخرت تي ترجيح ڏيڻ، دنياوي بهتري، دنياوي مال ۽ دولت، عيش و عشرت ۽ دنياوي فائدي خاطر آخرت جي نقصان کي برداشت ڪري وٺڻ هي به نقصان وارو سودو آهي. سيپارو: 25، سورت شوريٰ، آيت: 20 ۾ اللّٰه پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الْاٰخِرَةِ نَزِدْ لَهٗ فِيْ حَرْثِهٖ ۚ وَ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الدُّنْيَا نُؤْتِهٖ مِنْهَا وَ مَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ نَّصِيْبٍ ﴿۲۰﴾ (سيپارو: 25، الشوريٰ: 20)

ترجموڪنزُ العرفان: جيڪو آخرت جي پوک گهري ٿو ته اسان ان جي لاءِ ان جي پوک ۾ اضافو ڪري ڇڏيندا آهيون ۽ جيڪو دنيا جي پوک چاهي ٿو ته اسان ان کي ان مان ڪجهه ڏئي ڇڏيندا آهيون ۽ آخرت ۾ ان جو ڪو حصو ناهي.

رسول اللّٰه جا صحابي، سلطان المفسرين حضرت عبداللّٰه بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهما هن آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: جيڪو پاڻهو دنيا کي آخرت تي

1...ذوقِ نعت، صفحه:35.

ترجيح ڏئي (مثال طور دنياوي مستقبل جو فڪر تہ ڪري پر آخرت ۾ ڪاميابي جو فڪر نہ ڪري) ان لاءِ آخرت ۾ ڪجھ حصو ناهي، ها! ان لاءِ جهنم آهي. ساڳئي وقت هي وبال بہ تہ (دنياوي مستقبل لاءِ) ان جي فڪرن جو ڪجھ نتيجو نہ نڪرندو، ان کي دنيا ۾ صرف اهو ئي ڪجھ ڏنو ويندو، جيڪو پهريان کان لکيو ويو آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن دنيا ملي، نہ ملي خير آهي، آخرت جو نقصان هرگز نہ ٿيڻ گهرجي، جيڪڏهن خدانخواستہ دنيا ۾ اسان تمام گھڻو ڪمائي ورتو، وڏا مالدار ٿي وياسين، منصب، شهرت، عزت، دولت سڀ ڪجھ ملي ويو پر آخرت جي ڪاميابي هٿ مان ڇڏائجي وئي تہ وڏو نقصان ٿي ويندو، ان لاءِ هميشہ آخرت کي دنيا تي ترجيح ڏيڻ جي عادت بڻايو! ۞ جيڪڏهن 10 منٽ دڪان بند ڪري چند سؤ يا چند هزارن جو نقصان ٿئي ٿو تہ ڪا ڳالھ ناهي پر نماز نہ ڇٽڻ گهرجي ۞ جيڪڏهن ڪوڙ ڳالهائڻ کان سواءِ گذارو نٿو ٿئي تہ نہ ٿئي، ڪوڙ ڳالهائي پنهنجي آخرت هرگز خراب ناهي ڪرڻي ۞ جيڪڏهن وياج کان سواءِ مالدار نٿا بڻجي سگھون تہ نہ سهي، وياج وٺي پنهنجي آخرت برباد ناهي ڪرڻي ۞ جيڪڏهن دوکو ڏيڻ کان سواءِ ڪمائي گھٽ ٿئي ٿي تہ ٿيندي رهي ۞ رشوت نہ وٺي گھر نٿو هلي تہ نہ هلي، سڪي ماني کائڻي پوي تہ کائي وٺون پر پنهنجي آخرت کي داءُ تي هرگز نہ لڳايون.

## آخرت جا چاهيندڙ بڻجو...!

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: انسانو! آخرت اچي رهي آهي، دنيا وڃي رهي آهي. انهن مان هر هڪ جا چاهيندڙ آهن. توهان آخرت جا چاهيندڙ بڻجو! دنيا جا چاهيندڙ نہ بڻجو...!! بيشڪ اڄ عمل جو ڏينهن آهي، اڄ حساب ناهي پر سڀاڻي حساب جو ڏينهن هوندو، اتي عمل ناهي.[2]

1...تفسير درّ منثور،پاره:25 ،سورۂ شوریٰ ،زيرِ آيت :20 ،جلد:7 ،صفحہ:343۔
2... بخاري،ڪتاب:الرقاق،باب:فی الامل و طولہ ،صفحہ:1581 ۔

حُبِّ دُنیا سے تُو بچا یارَبّ!
کاش! لب پر مرے رہے جاری
آہ! طغیانیاں گناہوں کی
نفس و شیطان ہو گئے غالِب

عاشِقِ مصطفٰے بنا یارَبّ!
ذِکْر آٹھوں پہر ترا یارَبّ!
پار نَیّا مری لگا یارَبّ!
ان کے چُنگل سے تُو چُھڑا یارَبّ![1]

## (4): همزاد جون ڳالهيون نہ ٻڌو!

اسان وٽ عام طور تي چيو ويندو آهي: انسان دنيا ۾ اڪيلو آيو آهي، اڪيلو ئي ويندو. هي ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي درست آهي، البتہ اسان دنيا ۾ اڪيلا ناهيون آيا، جڏهن ٻار پيدا ٿيندو آهي، ان ئي وقت ابليس وٽ بہ ٻار پيدا ٿيندو آهي، جنهن کي همزاد چئبو آهي. اهڙي طرح هڪ فرشتو بہ پيدا ٿيندو آهي، جنهن کي مُلْهِمْ چئبو آهي.

اهو جيڪو همزاد يعني اسان سان شيطان هوندو آهي، اهو هر وقت اسان کي گناهن ۾ لڳائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ جيڪو مُلْهِمْ فرشتو آهي اهو هميشہ اسان کي نيڪي جي دعوت ڏيندو رهندو آهي.[2]

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو چوندا آهن: منهنجون 2 دليون ٿي رهيون آهن، هڪ دل چئي رهي آهي هي ڪم ڪري وٺان، هڪ دل چئي رهي آهي هي ڪري وٺان، جڏهن تہ دل تہ سيني ۾ هڪ ئي آهي، ڪنهن جون بہ دليون 2 ناهن هونديون، پوءِ ائين ڇو ٿيندو آهي؟ ۞ هڪ دل چئي رهي آهي: نماز پڙهي وٺان. هڪ دل چئي رهي آهي: پوءِ پڙهي وٺندس ۞هڪ دل چئي رهي آهي: خدا جي راهہ ۾ مال ڏئي ڇڏيان، هڪ دل چئي رهي آهي: نہ ڏيان ۞ هڪ دل چئي رهي آهي: روزو رکي وٺان، هڪ دل چئي رهي آهي: نہ رکان ۞ هڪ دل چئي رهي آهي: تلاوت ڪري وٺان، هڪ دل چئي رهي

1... وسائل بخشش، صفحہ:79ملتقطاً۔
2... مرقاة المفاتيح،كتاب الايمان،باب الوسوسة،الفصل الاول،جلد:1،صفحہ:228،تحت الحديث:67 ملتقطًا۔

آهي: نہ ڪريان ۞ هڪ دل چئي رهي آهي: درود پاڪ پڙهي وٺان، هڪ دل چئي رهي آهي: موبائل کوليان، سوشل ميڊيا تي ڪجهه وقت گذاريان ۞ هڪ دل چئي رهي آهي: قافلي ۾ سفر ڪري وٺان، هڪ دل چئي رهي آهي: نہ ڪريان ۞ هڪ دل چئي رهي آهي: هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪريان، هڪ دل چئي رهي آهي: نہ ڪريان. دل تہ سيني ۾ هڪ آهي، پوءِ هي ڇا معاملو آهي؟ هي اصل ۾ همزاد ۽ مُلْهِمُ جو معاملو آهي. همزاد شيطان آهي. جيڪو سڄي زندگي نيڪين کان روڪيندو رهندو آهي، گناهن جي رغبت ڏياريندو رهندو آهي ۽ ٻيو مُلْهِمُ آهي جيڪو فرشتو آهي اهو هميشہ اسان کي نيڪي جي دعوت ڏيندو رهندو آهي.

هاڻي اسان تي آهي تہ اسان ڪنهن جي ڳالهہ مڃون ٿا. جيڪڏهن اسان مُلْهِمُ جي ڳالهہ مڃينداسين، نيڪي جي رستي تي هلنداسين تہ هدايت تي رهنداسين ۽ جنت جا حقدار بڻجنداسين، جيڪڏهن همزاد جي مڃي وٺنداسين تہ هدايت جي راهہ تان ڀٽڪجي وينداسين، گناهن ۾ پئجي جهنم ڏانهن هليا وينداسين. اللّٰه پاڪ اسان کي منافقن جو طريقو ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ

أُولَٰئِكَ الَّذِينَ اشْتَرَوُا الضَّلَالَةَ بِالْهُدَىٰ (سيپارو: 1، البقرة: 16)

منافقن جو هي وصف آهي تہ اهي هدايت کي ڇڏي ڏيندا آهن، گمراهي کي اختيار ڪري وٺندا آهن جڏهن تہ مومن ٻانهي جي هي شان آهي تہ اهو گمراهي ڇڏيندو آهي ۽ هدايت کي اختيار ڪندو آهي.

تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان نقصان وارو سودو هرگز نہ ڪريون، هميشہ هدايت جي رستي تي رهون، ڪڏهن بہ هدايت جو رستو ڇڏي گمراهي ڏانهن نہ وڃون. اللّٰه پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ماهوار فيضانِ مدينہ ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ تمام پياري موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، ان جو نالو آهي: ماهوار فيضانِ مدينہ (Mahnama Faizan e Madina) هن ايپلي ڪيشن ۾ هن وقت تائين جارِي ٿي چڪا. سيئي ماهوار PDF جي صورت ۾ موجود آهن، ان کان علاوه ۞ سيني ماهوارن جا مضمون (آرٽيڪلز) ٽيڪسٽ جي صورت ۾ موجود آهن جن کي ڪاپي ڪري شيئر ڪري سگهجي ٿو ۞ سهولت لاءِ سرچ آپشن بہ ڏنو ويو آهي، جنهن جي مدد سان ماهوار جو ڪو مضمون وغيره تلاش بہ ڪري سگهجي ٿو. توهان بہ هي ايپلي ڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري ونو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي، اچو! هڪ شرعي مسئلو ٻڌون ٿا:

## صحيح ڇا آهي؟

(صحيح شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ مشهور غلطي جي نشاندهي)

**مسئلو** : نابالغ ٻار جو پيشاب بہ ناپاڪ آهي

**وضاحت** : ٻار جيتوڻيڪ هڪ ڏينهن جو هجي، ان جو پيشاب ناپاڪ آهي لهٰذا جيڪڏهن هي بدن تي لڳي وڃي تہ بدن ناپاڪ ٿي ويندو، هاٿي جيستائين پيشاب کي زائل نہ ڪنداسين، جسم ناپاڪ ئي رهندو، جيتوڻيڪ پيشاب سڪي وڃي ۽ ان جي بدبو ختم ٿي وڃي. بهارِ شريعت ۾ آهي: کير پيئندڙ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جو پيشاب نجاستِ غليظ آهي. هي جيڪو اڪثر عوام ۾ مشهور آهي تہ کير پيئندڙ ٻارن جو پيشاب پاڪ آهي محض غلط آهي.[1] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1…بهارِ شريعت، جلد:1، صفحہ:390، حصہ:2۔

# اسماءُالحسنيٰ جون برڪتون (وظِيفو)

يَا مُذِلُّ، يَا مُعِزُّ

جيڪو شخص 75 ڀيرا يَا مُذِلُّ، يَا مُعِزُّ پڙهي سجدو ڪري ۽ چوي يَاالٰهي! فلاڻي ظالم جي شر کان مون کي محفوظ رک، الله پاڪ ان کي امان ڏيندو ۽ پنهنجي حفاظت ۾ رکندو.[1] اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1…مدنی پنج سوره، صفحہ:250۔